**ڊاڪٽر رياضت ٻُرڙو**
ايسوسيئيٽ پروفيسر
گورنمينٽ علي بابا ڊگري ڪاليج، ڪوٽڙي

# ڊاڪٽر بدر ڌامراهي جي مرتب لغتن جو جائزو

## Analyses of Dictionaries Complied by Dr. Badar Dhamraho

***Abstract:***

*Dr. Badar Dhamraho is a famous lexicographer who have rendered literary services in Sindhi language in 21st century. Dr. Dhamraho is working continuously in the field of Sindhi lexicography since last two decades. Four dictionaries compiled by him, have published with titles "Sanskrit-Sindhi Dictionary", "Ilmi Sindhi-Urdu Dictionary", "Lughaat-e-SachalSarmast", and "Laghaat-e-Baydil and Baykus" in which two dictionaries "Sanskrit-Sindhi dictionary" and "Ilmi Sindhi-Urdu dictionary" are bilingual dictionaries and the remaining dictionaries "Lughaat-e-Sachal Sarmast" and "Laghaat-e-Baydil and Baykus" are included in special dictionaries. All dictionaries,compiled by Dr. Dhamraho are supposed worth reading treasure of Sindhi language and keeps importance in Sindhi lexicography. In this article above four dictionaries of Dr. Dhamraho has been reviewed and discussed.*

*Key words: Lexicography, Sindhi Language, Bilingual Dictionaries, Special Dictionaries-*

سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ ۾ جن لسانيات جي ماهرن ۽ ڄاڻوئن، لاڙڪاڻي ضلعي مان، ايڪويهين صديءَ ۾ خدمتون سر انجام ڏنيون آهن، تن ۾ ڊاڪٽر بدر ڌامراهي (جنم: 15 ڊسمبر 1961ع) جو نالو نمايان آهي.پاڻ سنڌي ادب ۾ ايم. اي، ايم. فل ۽ پي. ايچ. ڊي آهي. پاڻ سڄي حياتي تعليم کاتي سنڌ ۾، تدريسي ۽ انتظامي خدمتون نڀائيندا رهيا آهن.



ڊاڪٽر بدر ڌامراهو لغت نويسيءَ ۾ تسلسل سان ڪم ڪندو اچي ٿو. هن جون هن وقت تائينچار مرتب لغتون ڇپجي چڪيون آهن، جن ۾ "**سنسڪرت- سنڌي لغت**"، "**علمی سندھی-اردو لغت**" ، "**لغّاتِ سچل سرمست**" ۽"**لغّاتِ بيدل ۽ بيڪس**" شامل آهن. انهن لغتن کان سواءِ سندن هڪ اهم ڪتاب "**لطيفي انسائيڪلوپيڊيا**" پڻ ڇپيل آهي. حقيقت ۾ ڊاڪٽر بدر ڌامراهي جي مسلسل لکندڙ قلم منجهان انيڪ ڪتاب لکجي پڌرا ٿيا آهن، جن جي موضوعن ۾ پڻ ڪثرت آهي. سندس لکيل ٻين ڪتابن ۾ "**لاڪيڙو لطيف**"، "**جعفر پنهور جو ڪلام**" وغيره شامل آهن.ان کان سواءِ شاگردن لاءِ نصابي ڪتابن جون گائيڊون، مددي ڪتاب ۽ سُونهان پڻ لاتعداد ڇپيل اٿس. جڏهن ته سندس ڪيترائي مقالا ۽ مضمون پڻ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل آهن.پاڻ مختلف لغتن ۽ انسائيڪلوپيڊيائن تي پڻ تنقيدي مقالا ۽ مضمون لکندو رهندو آهي. هو صحيح معنيٰ ۾ هڪ پورهيت ليکڪ آهي.

مختلف قسمن جي لغتن کي، علمي طور تي، جن مکيه چئن قسمن ۾ درجيبند ڪيو ويو آهي، تن ۾ (1) "هڪ-ٻوليائي عام مقصدي لغتون" (Monolingual/Unilingual General Purpose Dictionaries)، (2) ٻه- ٻوليائي ۽ گهڻ ٻوليائي لغتون (Bi-lingual and Multilingual Dictionaries)، (3) عالماڻيون لغتون (Scholarly Dictionaries)، ۽ (4) خاص لغتون (Special Dictionaries) شامل آهن. ان لحاظ کان جيڪڏهن ڊاڪٽر بدر ڌامراهي جي مرتب لغتن کي ورڇ هيٺ آڻبو ته سندس جوڙيل چئن لغتن مان ٻه لغتون "**سنسڪرت- سنڌي لغت**" ۽ "**علمی سندھی-اردو لغت**" ٻئي نمبر قسم يعني ٻن ٻولين وارين لغتن ۾ اچن ٿيون ۽ رهيل ٻه لغتون"**لغّاتِ سچل سرمست**" ۽ "**لغات بيدل ۽ بيڪس**" چوٿين نمبر قسم يعنيخاص لغتن ۾ شامل آهن، جن کي موضوعي لغتون پڻ سڏيو ويندو آهي. ڊاڪٽر بدر ڌامراهي کان مليل ڄاڻ موجب، سندس هڪ لغت **لغّاتِ ڪريمي**" (شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جي ڪلام جي لغت) قلمي صورت ۾ وٽس تيار موجود آهي، جيڪا جڏهن ڇپجي پڌري ٿيندي، ته اها پڻ چوٿين قسم ۾ شمار ٿيندي.

هيٺ. ڊاڪٽر بدر ڏامراهي جي ڇپيل چئني لغتن جو جائزو پيش ڪجي ٿو. انهن لغتن ۾ جتي جتي نندين ڏنگين ۾ صفحو نمبر ڏنو ويو آهي، اهو ان لغت جو ئي آهي، تہ جيئن وري وري حوالي جي ورجاءِ کان بچي سگهجي.

**(1) سنسڪرت-سنڌي لغت:**

هيءَ سنسڪرت کان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل پهرين لغت آهي. هن ٻہ-ٻوليائي لغت جو پهريون ڇاپو 2008ع ۾ڊيمي سائز ۾، مُجلد، 222 صفحن تي مشتمل، 160 رپين جي قيمت ۾فائين ڪميونيڪيشن حيدرآباد مان ڇپجي،روشني پبليڪيشن ڪنڊياري طرفان پڌرو ٿيو. جنهن ۾ لغت وارو ڀاڱو 43 صفحي کان 220 صفحي تائين پکڙيل آهي. هن لغت ۾ لڳ ڀڳ 4450 داخلائون شامل آهن. هن لغت ۾ مؤلف پاران مفصل مقدمو پڻ لکيل آهي.

هن ڪتاب جو انتساب ڊاڪٽر بدر ڏامراهي،ناميارو عالم، محقق ۽ پنهنجي استاد ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي نالي ڪيو آهي، جنهن کيس لغت نويسيءَ جا سبق پڻ پڙهايا هئا. ان طرحڊاڪٽر ڏامراهي پنهنجي استاد جي حق ادائي ۽ مڃتا ڪئي آهي، جا واکاڻ لائق آهي.

ڪتاب جي منڍ ۾ ڊاڪٽر بدر ڏامراهي پاران ٻن صفحن تي محيط ”پيش لفظ“ لکيل آهي، جنهن ۾ هُو لکي ٿو: ”هنديءَ جا ڪوڙ سارا ڪتاب بنا ساهيءَ پڙهي پورا ڪيم، جنهن جو نتيجو هي ڪتاب آهي.“ (ص: 9)هن اهو پڻ لکيو آهي، تہ ”هي ڪتاب منهنجي ڏهاڪو سالن جي محنت جو نتيجو آهي. جيئن تہ هي ڪم نهايت ڏکيو ۽ گهڻو محنت طلب هو تنهنڪري ممڪن آهي تہ ڪٿي سَهوَ ٿي وئي هجي. انهيءَ لاءِ ٻوليءَ سان چاهہ رکندڙ سڄڻن کي گذارش آهي تہ عفو جي نظر سان ڏسندا.“(ص: 10)

ڊاڪٽر بدر ڏامراهي بلڪل درست لکيو آهي. حقيقت ۾ لغت نويسي انتهائي ڪٺن ۽ وقت ونندڙ ڪم آهي، جنهنڪري ان کي اصطلاحي طور آٿ ڪانيو ڪم پڻ ڪوٺيو ويندو آهي. لغت ۾ صرف لفظ کي لکڻو نہ هوندو آهي، پر لغت جي هر قسم موجب، ان جون الڳ الڳ گهرجون هونديون آهن، جن جو پوراءُو ڪرڻ لازمي هوندو آهي. ”هڪ ٻوليائي ۽ ٻہ-ٻوليائي لغتن“ جي قسمن ۾ گهٽي ڀاڱي داخلا هيٺ آندل هڪ هڪ لفظ کي صحيح صورت ۾ لکڻ سميت ان جو اچار، اصل ٻولي ۽ اشتقاق ڄاڻايو ويندو آهي، جنهن کان پوءِ ان جون وياڪرڻي حيثيتون لکيون وينديون آهن،



جن ۾ واحد ۽ جمع، مذڪر ۽ مؤنث، ڳالهائڻ جو قسم، ڦيرو وغيره اچي وڃن ٿا. ان کان پوءِ مترادف ۽ معنائون لکيون وينديون آهن، جن پٺيان گهرج آهر سَنَدُون پڻ داخل ڪبيون آهن، تہ جيئن ڏنل معنائن کي هَٿي ملي ۽ پڙهندڙن کي سولائيءَ سان لفظ، ان جي معنيٰ ۽ استعمال سمجهہ ۾ اچي وڃي. لغت جو ڪم جيئن تہ وقت جي وڏيءَ سيڙ وارو ۽ ذرو ذرو ٿي اڳتي وڌندڙ هوندو آهي، جنهنڪري بلڪل امڪان رهندو آهي، تہ ان ۾ ڪي غلطيون رهجي وڃن، جن ڏانهن ڊاڪٽر ڏامراهي ”پيش لفظ“ ۾ اشارو ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ لغت نويسي هڪ مسلسل پورهيو آهي، جنهن تي وري وري نظر وجهي، لغتن جا نوان ڇاپا ڇپڻ ضروري ٿي پوندو آهي.

هن لغت ۾ ڊاڪٽر ڏامراهيپاران 31 صفحن تي لکيل تفصيلي مقدمو پڻ شامل آهي، جنهن جو مکيہ عنوان ”سنسڪرت جي حقيقت“ رکيو ويو آهي. ان جي ذيلي عنوانن ۾،”سنسڪرت جا قسم، سنسڪرت جي لسانياتي گروهہ بندي، ماهرن جا آرين بابت نظريا، سنسڪرت ۽ سنڌي (جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت 7 نظريا ڏنل آهن)، قديم زبانن ۽ لهجن جو جائزو، اپ ڀرنش، سنڌي ٻوليءَ جون نراليون خوبيون، حرفن جي تبديل، هيڪوٽن حرفن جي مٽ سٽ،ٻٽن حرفن جي مَٽ سٽ، فالتو اکرُ سابل اکر، ۽ اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون عنصرن تي لکيو ويو آهي. هن مقدمي ۾ ليکڪ اختصار سانڪارائتي ڄاڻ ڏني آهي، جيڪا پڙهندڙن واسطي ڏيڻ تمام ضروري هئي. انهن عنوانن مان ڪن ابتدائي عنوانن هيٺ، ڊاڪٽر ڏامراهي پنهنجي راين کي پڻ قلمبند ڪيو آهي، جيڪا سٺي ڳالهہ آهي، ڇاڪاڻ تہ صرف نظرين کي ٻڌائڻ ڪافي نہ آهي، پر انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ ڪنهن هڪ نظريي سان پنهنجو متفق هجڻ يا ڪنهن سان بہ متفق نہ ٿيڻ بابت ڄاڻائڻ ضروري آهي.مثال طور هُو ماهرن جا آرين بابت پنج نظريا ڄاڻائڻ کان پوءِ لکي ٿو: ”هنن نظرين مان ڪهڙو نظريو درست آهي، تنهن بابت ڪا بہ آخري راءِ قائم ڪري نہ ٿي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ سڀئي نظريا انومان تي ٻڌل آهن. ڪنهن بہ نظريي لاءِ حتمي راءِ قائم ڪري نہ ٿي سگهجي. جيڪڏهن چئجي بہ ڪٿي تہ ڦلاڻو [نظريو] وڌيڪ معتبر آهي تہ اهو بہ [هڪ] انومان ليکبو. منهنجو رايو آهي تہ چوٿون نظريو حقيقت جي ويجهو آهي.“(ص: 16)اهو چوٿون نظريو اڪبر شاهہ نجف آباديءَ جي ڪتاب ”مقدمہ تاريخ هند“ [1933] مان هِن ريت قلمبند ڪيو ويو آهي: ”[آريا] وچ ايران ۽ اصطخرجي جي علائقي ۾ رهندا

هئا. ڪنهن ڳالهہ تي پاڻ ۾ وڙهيا ۽ ڪمزور قبيلو ٻي دخل ٿي، سنڌ جي ميداني علائقن ۾ اچي آباد ٿيو.“ (ص: 16)

”سنسڪرت-سنڌي لغت“ ۾ داخلائن جو پاڱو صفحي 43 کان 220 تائين، 178 صفحن تي پکڙيل آهي، جيڪو ٻن ڪالمن ۾ ورهيل آهي. ساڄي پاسي واري ڪالم ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جا لفظ ۽ اصطلاح، ۽ ساڄي پاسي واري ڪالم ۾ مختلف لفظن جي وياڪرڻي ڄاڻ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ معنائون ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن. هن لغت ۾ 46 اکرن تي مشتمل سنسڪرت جي آئيويتا ڏنل نہ آهي، جيڪا داخلائن کان اڳ، منڍ ۾، ضرور ڏيڻ گهرجي ها، تہ جيئن خبر پوي ها تہ ڪهڙن ڪهڙن اکرن تي مشتمل لفظ شامل ڪيا ويا آهن ۽ انهن جي ترتيب ڪهڙي آهي.سنسڪرت ٻوليءَ جي آوازن ۽ اکرن جو تعداد بہ نہ ڄاڻايو ويو آهي. سنسڪرت ٻوليءَ جا اکر ديوناگريءَ لپيءَ سميت عربي-سنڌي لپيءَ ۾ ڄاڻائڻ گهرجن ها. داخلائن مٿان، مختلف صفحن تي ڏنل اکرن موجب، هن لغت ۾ شامل اکرن جي ترتيب هن ريت بيهي ٿي: آ، الف [ ا ]، ب، ٻ، ت، ٽ، ٺ، پ، ٿ، ٿ (ٻيهر)، ج، جه، چ، ڇ، د، ڌ، ڊ، ڍ، ر، س، ش، ڦ، ڪ، ک، گ، گهہ، ل، م، ن، و، ھ، يجُ ملي 32 اکر. پانئجي ٿو تہ ڊاڪٽر ڏامراهي، اها ترتيب سنڌي آئيويتا موجب جوڙي آهي. ان ۾ ”آ“ ۽ ”الف“ [ ا ] کي الڳ الڳ درج ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ اصولي طور ”آ“ ٻن الفن [ ا+ا=آ] جي برابر آهي. ان ڪري اهو الڳ ڏيڻ بدران ”ا“ جي سري هيٺ آڻڻ گهرجي ها، جيئن سنڌي ٻوليءَ جي لغتن ۾ ”الف مد“ کي ”الف“ ۾ ئي شامل ڪيو ويجي ٿو. ان کان سواءِ ”ٿ“ بہ ٻہ ڀيرا، لغت جي صفحن 119 ۽ 140 تي آيل آهي، جنهن جي ڪا وضاحت لغت ۾ ڏنل نہ آهي. ان کان سواءِ ”پيش لفظ“ يا ”مقدمي“ ۾ اهو ڄاڻايل ناهي، تہ لغت ۾ ڪيترن سنسڪرت لفظن جون داخلائون يا معنائون آندل آهن.هن لغت ۾ سراسري طور هر هڪ صفحي تي 25 داخلائون ڏنل آهن. ان حساب سان انهن جو تعداداٽڪل 4450 ٿئي ٿو، جيڪو مناسب تعداد آهي.

هن لغت ۾ اڪثر ڪري، لفظ جي وياڪرڻي حيثيت (اسم، صفت، مفعول، مصدر، حرف جر) سان گڏ جنس (مذڪر ۽ مؤنث) کي پڻ ڄاڻايو ويو آهي، جيڪا سٺي ڳالهہ آهي، البت ڪن اسمن بابت ڄاڻايو نہ ويو آهي، تہ اهي مذڪر آهن يا مؤنث. ان کان سواءِ مصدري حيثيت ۾ آيل لفظن جي پڻ مصدر طور نشاندهي ڪيل نہ آهي، البت



ڪن ٻين لفظن جا مصدر ننڍين ڏنگين ۾ ڄاڻايا ويا آهن.هن لغت ۾ وياڪرڻي لفظَ سڄي جو سڄا لکيا ويا آهن. بهتر هو تہ داخلائن ۾ انهن جي نشاندهي مخفف سان ڪجي ها ۽ لغت جي منڍ ۾، هڪ صفحي تي، انهن جي وضاحت ڏئي ڇڏجي ها، جيئن عام طور لغتن ۾ لکيو ويندو آهي. هن لغت ۾ واحد لفظن جا جمع لفظ ڏنا نہ ويا آهن.جڏهن تہلفظن جي اشتقاقن کي پڻ نظر انداز ڪيو ويو آهي.

هن ”سنسڪرت-سنڌي لغت“ ۾، سنسڪرت جي لفظن جا متبادل سنڌي لفظ بہ ڏنا ويا آهن، تہ سمجهاڻي بہ لکي وئي آهي، جيڪا سٺي ڳالهہ آهي. البت سمجهاڻيءَ منجهان سمجهجي ٿو تہ انهن سنسڪرت لفظن جا سنڌي متبادل ملي نہ سگهيا آهن. مثال طوراَر”جَ : (صفت) جنهن تي مٽي نہ پئي هجي.“(ص: 66)، يا ”ارڏنگي: (مذڪر) جنهن کي فالج ٿيو هجي.“(ص: 66) ڪي سنسڪرت لفظ، لغت ۾، مرڪب لفظن ۾ موجود تہ آهن، پر الڳ ڪري داخل ڪرڻ کان رهجي ويل آهن، جهڙوڪ: ”تالويہ ورن: (مذڪر) تارونءَ مان نڪرندڙ حرف.“(ص: 111) ان داخلا جي مٿان ”تالويہ: (صفت) تارونءَ بابت“ لکيل آهي، جڏهن تہ ”تال: تارون“(ص: 110) ۽ ”تالوشڪ: (مذڪر) تارون“(ص: 111) بہ ڏنل آهن، پر ”ورن“ جي ڪا بہ داخلا ڪيل نہ آهي. ان حالت ۾ ”تارون“ لاءِ ڪهڙو سنسڪرت لفظ متبادل وٺجي: ”تال“ يا ”تالوشڪ“؟ ۽ ”ورن“ جي معنيٰ ”نڪرندڙ حرف“ وٺجي؟ هتي ڌيان طلب نُڪتو هيءُ بہ آهي تہ، وات مان حرف نہ، پر آواز نڪرندا آهن، حرف انهن آوازن جي تحريري شڪل آهن.

سنسڪرت لفظن سان ٻيو خاص مسئلو اچارن جو بہ آهي. هن لغت ۾ سڀني سنسڪرت لفظن تي زبر، زير، پيش، جزم وغيره جون نشانيون ڏنيون نہ ويون آهن، جنهنڪري لفظن جي اچارن ۾ مسئلا پيش اچن ٿا. البت ڪن ٿورن هنڌن تي اعرابون استعمال ڪيل آهن. اها سٺي ڳالهہ آهي، تہ سنسڪرت لفظن کي ديوناگريءَ بدران سنڌي رسم الخط ۾ لکيو ويو آهي. ٻيءَ صورت ۾ اسان سنڌ جا رهندڙ ان مان مستفيض ٿي نہ سگهون ها. البت جيڪڏهن ٻئي رسم الخط ڪتب آندا وڃن ها، تہ هِن لغت جي اهميت ۽ افاديت گهڻي اُتم ٿي پوي ها. هيٺ، لغت منجهان نموني خاطر، پنج داخلائون ڏجن ٿيون:

اَنِشِدَ:(صفت) حلال

اَنشڪ:(مذڪر) حصي دار، ورثي ۾ شريڪ، مالڪ

اَنَشَ ن:(مذڪر) ماني نہ کائڻ، روزو رکڻ

اُنُشَ ن:(مذڪر) رفاقت، وفاداري، تعلق، رشتو سبنڌ، ميل جول، جوڙ

اَنُشوَ ر:(صفت) غير فاني، دائمي، مدامي (ص: 86)

ڊاڪٽر بدر ڌامراهي، لغت جي آخر ۾، ٻن صفحن تي20 عدد مددي ڪتابن جي لسٽ بہ ڏني آهي ، جن ۾ سنڌي (12 ڪتاب)، سنسڪرت (هڪ ڪتاب)، هندي (هڪ ڪتاب)، اردو (4 ڪتاب) ۽ اردو-انگريزي (2 ڪتاب) شامل آهن. انهن ڪتابن ۾ "جامع سنڌي لغات" (پنج جلد)، "تحقيق لغات سنڌي"، "جامع لغات اردو"، "سنسڪرت اردو لغت"، "اردو انگريزي ڊڪشنري" ۽ "اردو، ڪلاسيڪل هندي اينڊ انگلش ڊڪشنري" شامل آهن. انهن لغتن منجهہ ذڪر ڪيل ڊاڪٽر انصار الله جي جوڙيل **"سنسڪرت اردو لغت"** [1993ع] پڻ سنسڪرت سان لڳاءُ رکندڙن ۾ سنسڪرت لفظن جون معنائون ڳوليندڙن ۾ مقبول رهي آهي. اها لغت جيتوڻيڪ، صرف 79 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ بہ داخلائن وارو ڀاڱو صرف 57 صفحن تي مشتمل آهي، پر اها لغت بيحد ڪارگر آهي، جنهن ۾، نہ رڳو سنسڪرت لفظن جي اچارن کي زبرن، زيرن وغيره سان واضح ڪيو ويو آهي پر سنسڪرت بابت معلوماتي مقدمو پڙهڻ وٽان آهي.

ڊاڪٽر بدر ڌامراهي کي جس آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ ۾ پهرين "سنسڪرت-سنڌي لغت" جوڙي پيش ڪئي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءَ پهرين ڪوشش آهي، جنهن کي وڌيڪ سنواري سگهجي ٿو.

**(2) علمی سندهي-اردو لغت:**

ڊاڪٽر بدر ڌامراهي جي مؤلف ڪيل ٻِي بہ- ٻوليائي لغت "علمی سندھی-اردو لغت" نالي سان آهي، جنهن ۾ سنڌي لفظن جون اردو ٻوليءَ ۾ معنائون ڏنيون ويون آهن. ان لغت جو پهريون ڇاپو 2011ع ۾ڊبل ڪرائون سائز ۾، مُجلد، 398 صفحن تي مشتمل، 1000 جي تعداد ۾، 500 رپين جي قيمت ۾،نيو ڪاٺياواڙ اسٽور اردو بازارڪراچي طرفان ڇپيو. هيءَ لغت، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي گڏيل طور مرتب "سندهي-اردو لغت" [1959ع] کي اڌ صديءَ کان بہ وڌيڪ وقت گذرڻ کان پوءِ ڇپجي پڌري ٿي، جيڪو تمام وڏو وقت آهي.



هن لغت جي ٽائيٽل تي مؤلف جو نالو غلطيءَ سان "بدر دهامراهو" لکجي ويو آهي، البت اندرئين ٽائيٽل تي درست نالو "بدر دهامراهو" لکيل آهي. ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي ها.

هن لغت جي فهرست ۾ آئيويٽا ڏنل آهي، جنهن ۾ "آ" کي الف کان اڳ الڳ ڪري لکيو نہ ويو آهي، جيڪا صحيح ڳالهہ آهي.فهرست ۾ سنڌي اکر جي پٺيان سليش (/)ڏئي، اهي اکر پڻ ڏنل آهن،جن جي لکت اردوءَ کان مٽَيل آهي، جهڙوڪ ڀ/به، ٿ/ته، ٽ/ٽ، ڇ/چه، ڌ/ده، ڊ/ڈ، ڍ/ڈھ، ڙ/ڑ، ڦ/په، ڪ/ک، ک/که، ڻ/(ن مٿان ط جي نشاني)، ۽ ي/ی/یے. البت ٿ جي اردو لکت ٹھرهجي وئي آهي. جڏهن تہ ٻ، ڄ، ڃ، ڏ، ڳ ۽ ڱ جي لکت نہ صرف فهرست ۾ ساڳي رکي وئي آهي، پر لغت منجهہ بہ جنهن جنهن لفظ ۾ اهي ڇهئي اکر ڪتب آيا آهن، اتي انهن جي لکت سنڌي واري ئي برقرار رکي وئي آهي. ايئن ان ڪري ڪيو ويو آهي، تہ جيئن انهن جو آواز الڳ سمجهيو وڃي. منهنجي خيال ۾ انهن اکرن جا متبادل ڏيڻ گهرجن ها، ڇاڪاڻ تہ اهي آواز اردو پڙهندڙ ڪڏهن نہ سگهندا ۽ پڙهي بہ نہ سگهندا.

هن ڪتاب جو انتساب ڊاڪٽر بدر ڌامراهي، پنهنجي پيءُ عبدالمجيد ۽ امڙ جنت جي نالي ڪيو آهي، جا نهايت سٺي ڳالهہ ۽ ابي امڙ سان محبت جو هڪ اظهار آهي.

ڪتاب ۾ نوَ ن صفحن تي مشتمل "پيش لفظ" ڊاڪٽر بدر ڌامراهي جو لکيل آهي، جنهن ۾ سنڌي ۽ اردو ٻولين، انهن جي لپين، آئيويٽا، هڪجهڙن آوازن ۽ اکرن، هڪجهڙن آوازن پر مختلف اکرن، سنڌي ٻوليءَ جي خاص آوازن، وياڪرڻي مامرن بابت ويچار ونڊيا ويا آهن، جن سان اردو پڙهندڙن کي چڱي معلومات ملي ٿي. انهن ويچارن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي خاص اکرن جهڙوڪ "ٻ، ڄ، ڃ، ڏ، ڳ، ڱ ۽ ڻ" بابت لکيو آهي ۽ ٻنهي ٻولين جي گرامر تي بحث بہ ڪيو آهي.مثال طور "ٻ" بابت هن ريت لکيو ويو آهي:

"یہ حرف 'ب' کا ہم آواز ہے، لیکن فرق یہ ہے کہ 'ب' کي آواز ہونٹ ملا کر باہر نکالي جاتي ہے۔ جبکہ 'ٻ' کوادا کرنے میں ہونٹ ملا کر آواز اندر لے جاتے ہیں۔" (ص: 9)

ڊاڪٽر غلام علي الانا موجب، "ب" (وينجن، consonant) جو آوازُ ٻِچپيئون (bilibial)، ڳرو (voiced) اَوِسرڳ (unaspirated) ۽ ڌُوڪڻو (explosive/plosive) آهي ۽ "ٻ" (وينجن) جو آوازُ ٻِچپيئون، ڳرو، اوسرڳ ۽

چ ُ وسڻو (implosive) آهي (الانا: 2009: 83,91) يعني ٻنهي جي آوازن ۾ صرف هوا جي 'ڏُوڪ' ۽چُ ُ وس' جو فرق آهي. [ب] ۾ هوا ٻاهر ڪڍجي ٿي ۽ [ٻ] ۾ هوا اندر چ ُ وسجي ٿي. جڏهن ته ٻنهي آوازن جي ادائگيءَ ۾ مليل چپن کي کولڻو پوندو آهي. ان لحاظ کان [ب] ۽ [ٻ] بابت ڊاڪٽر ڏامراهي جي مٿي لکيل ادائگيءَ ۾ اها درستگي ڪرڻي پوندي، ته ''...جبکه 'ٻ' کوادا کرنے میں باھم ملے ھوئے ھونٹوں کو کھول کر ھوا کو اندر لے جاتے ھیں-'' جڏهن ته ''سندهي-اردو لغت'' (1959ع) ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي ڏنل ۽ مٿي ڄاڻايل [ٻ] بابت پئراگراف ۾، [ب] جي ادائگيءَ بابت ڏسيل طريقيڪار سان ٻه اختلاف رکڻو پوندو.

هِ ن لغت ۾ اٽڪل 19 هزار سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جون داخلائون شامل آهن، جيتوڻيڪ ان بابت ڪا آگاهي ''پيش لفظ'' ۾ ڏني ناهي وئي. داخل لفظن جي اصل ٻوليءَ بابت ڪا ڄاڻ شامل ناهي، جڏهن ته وياڪرڻي مخففن کي استعمال ڪرڻ بدران مڪمل لفظ لکيا ويا آهن، جن جي گهرج نه هئي، ڇاڪاڻ ته لغتن ۾ مخففن جو واهپو سادگي، سهولت ۽ جڳهه بچائڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي. هن لغت ۾ اردو معنائن ۽ مترادف لفظن کي نستعليق خط ۾ لکيو ويو آهي، جيڪا سٺي ڳالهه آهي.

هن ڪتاب ۾، لغت وارو ڀاڱو 383 صفحن تي مشتمل ۽ٻن ڪالمن جي صورت ۾ ڏنل آهي، اها آگاهي ڏنل ناهي، ته منجهس لفظن/داخلائن جو ڪيترو تعداد سمايو ويو آهي. هر هڪ صفحي تي 50 کان 55 داخلائون آندل آهن. انلحاظ کان سڄيءَ لغت ۾ اٽڪل20 هزار داخلائون شامل ڪيل آهن، جيڪو سٺو تعداد آهيداخلائن ۾، پهرِ ين لفظ، پوءِ ننڍين ڏنگين ۾ ان جو اردو لکت ۾ اُچار ۽ نحوِ ي وضاحت، پوءِ مختلف معنائون ڏنيون ويون آهن، جن جي وچ ۾ ڳنڍيندڙ ليڪ (- ) ڏني وئي آهي.لغت ۾ ڪن اسمن جا جمع روپ به لکيا ويا آهن. نحوي وضاحتن ۾ مذڪر، مؤنث، مصدر، صفت، ظرف، متعدي بالواسطه، محاوري وغيره جي معلومات ڏنل آهي. هن لغت ۾ ايئن به ڪري سگهجي پيو ته، انهن لفظن جا اچار نه ڏنا وڃن ها، جيڪي سنڌي ۽ اردوءَ ۾ ساڳيءَ ريت لکيا وڃن ٿا، جهڙوڪ: آباد، آبدار، آبرو، آتر، آتو، آجام وغيره. ان طرح اچار جي ورجاءَ کان بچي سگهجي ها.

هن لغت ۾ ڏنل سنڌي لفظن جي اردو لکت ۾ سنڌي ''ه'' کي اردو ''ه'' وانگر لکيو ويو آهي، جيڪو نه ڪرڻ گهرجي ها، ڇاڪاڻ ته اردوءَ ۾ وسرڳي ۽ آوسرڳي کي



ٻن طريقن سان لکيو ويندو آهي يعني ''ه'' ۽ ''هه''. ان سان سنڌي لفظن جا تلفظ بگاڙ جو شڪار ٿيا آهن، مثال طور آڪَهِہ'' کي ''آکهہ'' ۽ ''آگاهي'' کي ''آگاهي'' ڪري اچار ۾ لکيو ويو آهي (ص 19)، جيڪو غلط آهي. ٻنهي لفظن کي ترتيب وار ''آکهہ'' ۽ ''آگاهي'' ڪري لکڻ گهرجي ها. اهڙيءَ طرح ''۽'' کي به درست طرح سان لکڻ جي گهرج آهي.(ص: 397)

''علمي سنڌي-اردولغت'' ۾، ٻن ڪالمن ۾ لفظ ۽ معنائون ڏنيون ويون آهن. ٻنهي ڪالمن جي وچ تي ڇٽي اُڀي ليڪ ڇپي وئي آهي، جڏهن ته هر هڪ ڪالم به ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، جن مان پهرئين حصي ۾ سنڌي لفظ ۽ ٻئي حصي ۾ اردو مترادف ۽ معنيٰ ڏنل آهي. هتي ان لغت مان ٿي عدد اندراج، خيال خاطر، پيش ڪجن ٿا:

آديسي: (آدیسی - مذکر - صفت) جوگی - سنیاسی - اجنبی-
آدر:(آدر - مذکر) عزت - مرحبا - تعظیم-
آڌارُ : (آدھار - مذکر) سہارا - آسرا - بھروسہ-(ص: 17)

هيءَ هڪ سٺي سنڌي-اردو لغت آهي، جيڪا سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن لاءِ ابتدائي لغت طور فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿي. هيءَ لغت خاص طور انهن مترجمن لاءِ به ڪارائتي آهي، جيڪي سنڌي ٻوليءَ مان اردوءَ ۾ ترجمو ڪن ٿا.هِ ن لغت ۾ واهپيدارن خاص ڪري عام ماڻهن ۽ شاگردن جي ضرورت کي خيال ۾ رکندي، مؤلف پاران سنڌي ٻوليءَ جي منتخب لفظن جو ذخيرو شامل ڪيو آهي. ان بابت ڊاڪٽر ڏامراهو لکي ٿو: ''سندھي زبان کے الفاظ کا وہ ضروري ذخیرہ دیا گیا ھے جو ایک اردو بولنے والے کے لئے یا ایک سندھي بولنے والے کے لئے ضروري ھے---یہ لغت ثانوي و اعلیٰ ثانوي مدارج کے طلبہ اور عام قارئین کے لئے کارآمد لغت کي صورت میں پیش کي جا رھے ھے، اس لئے امید ھے کہ طلبہ اور عام قارئین اردو اور سندھي میں اس کي پذیرائي ھوگي-''(ص: 14) ان طرح ان لغت جو ڪارج عام ماڻهن ۽ شاگردن لاءِ وڏيڪ آهي.

هن لغت جي ٻئڪ ٽائيٽل تي مشهور اديب احمد علي صابر چانڊيي جو رايو ڏنل آهي. هو لکي ٿو: ''آپ نے اب سندھي اردو لغت کو ترتیب دے کے ایک نئي شمع روشن کي ھے-''

هن ''علمي سنڌي-اردولغت'' کي، وڏيڪ 'علمي ۽ جامع' بڻائڻ جي گهرج آهي، ڇاڪاڻ ته ان لغت نئين سر سنڌي-اردو لغت نويسيءَ کي اڳتي وڌائڻ ۾ هڪ

کردار ۾ ڪارج ادا ڪيو آهي.

**(3) لغاتِ سچل سرمست رح:**

ڪلاسيڪل سنڌي شاعرن جي ٽمورتيءَ ـــ شاهہ، سچل ۽ سامي ـــ مان، وچين شاعر سچل سرمست جي شاعريءَ جي اهنجن لفظن جي معنائن ۽ تشريحن تي مشتمل، ڊاڪٽر بدر ڌامراهي جي جوڙيل "لغاتِ سچل سرمست" جو پهريون ڇاپو 2017ع ڊيمي سائز ۾، مُجلد، 616 صفحن تي مشتمل، 800 رپين جي قيمت ۾فائين ڪميونيڪيشن حيدرآباد مان ڇپجي،روشني پبليڪيشن ڪنڊياري طرفان پڌرو ٿيو.هن لغت ۾ داخلائن وارو ڀاڱو 600 صفحن تي پکڙيل آهي، جڏهن تہ پڇاڙيءَ ۾ 3 صفحا مددي ڪتابن جي فهرست جا ڏنل آهن.

هن ڪتاب جو انتساب پڻ ڊاڪٽر بدر ڌامراهي، پنهنجي استاد ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ ڏانهن ڪيو آهي، جنهن سان سندس گهڻي لڳاءَ جي سُڌ پوي ٿي. ان کان اڳ "سنسڪرت - سنڌي لغت" جو انتساب بہ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي نالي ڪيل آهي.

هن لغت ۾ الف-بي جي مروج پٽي، فهرست ۾ ڏنل آهي، جنهن ۾"آ" (ٻِٽي الف) کي الف کان ڌار ڏيکاريل آهي. شامل داخلائن جي انگ بابت،پيش لفظ ۾يا ٻئي ڪنهن جڳهہ تي، آگاهي نظر نہ ٿي اچي. سراسري طور هڪ صفحي تي ست عدد داخلائون آيل آهن، ان لحاظ کان هن لغت ۾ چئن هزارن کان ساڍن چئن هزارن جي وچ ۾ داخلائون ليکي سگهجن ٿيون.

هن لغت جو ستن صفحن تي مشتمل "پيش لفظ" مؤلف پاران لکيل آهي. "پيش لفظ" ۾، آغا صوفيءَ پاران جوڙيل "سچل جي رسالي" ۾، هن طرفان ڏنل هڪ ٻن معنائن ۽ تشريحن کي تنقيد هيٺ آندو ويو آهي، جيتوڻيڪ هڪ ٻن معنائن يا تشريحن جي گهٽ وڌائي ڪا اهڙي ڳالهہ نہ آهي، جنهن کي سرسري طور ذڪر هيٺ آڻڻ بدران، باضابطا تنقيد هيٺ آڻجي. صوفي صاحب، سن 1933ع ۾ سچل جي لغت تي جيڪو ۽ جيترو ڪم ڪيو، سو واکاڻ جوڳو آهي، جنهن تي ڪيس جس آهي. ڊاڪٽر ڌامراهيان کان پوءِ ڪجهہ قدر تفصيل سان، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جي جوڙيل "سچل لغات" [1984]جِي تنقيدي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، جيڪا



سچل سرمست جي ڪلام جي اولين لغت آهي.ان لغت جي وڏي خوبي ۽ خاصيت اها آهي، تہ منجهس اشتقاقن ۽ ڏاتن تي خاص ڌيان ڏنل آهي.ڊاڪٽر ڌامراهي "سچل لغات" ۾ آندل ڪجهہ معنائن کي، آغا صوفيءَ جي معنائن سان ڀيٽيندي، "سچل لغات" بابت حتمي رايو هن ريت ڏنو آهي: "اها لغت اڻ پوري ۽ اڌوري آهي. آغا صوفي جي مرتب ڪيل ۽ رسالي ۾ شامل شرح ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي لغت ۾ تمام گهڻي يڪسانيت آهي. چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ لفظن جو جيڪو يا جيترو ذخيرو آغا صوفي آندو آهي، اوترو ئي سچل لغات ۾ آهي. مان تہ ائين چوندس، ٻئي ساڳي ڳالهہ آهن.فرق ايترو آهي تہ آغا صوفي سُر وار معنيٰ ڏني آهي، سنديلي صاحب ان کي الف-ب وار بنايو آهي." (ص: 10)

ڊاڪٽر ڌامراهي "سچل لغات" تي ٻيا بہ ڪي اعتراض ڪيا آهن. انهن اعتراضن جي وضاحتن ۽ ڇنڊڇاڻ جي حوالي سان، ڊاڪٽر اسلم سنديلي جو هڪ مفصل مقالو "سچل سرمست جي ڪلام بابت لغتن جو تنقيدي جائزو" ڇپيل آهي، جنهن ۾ هُن ڪِن ڳالهين کي صحيح، ڪن کي غلط ۽ ڪن کي جزوي طور صحيح ۽ جزوي طور غلط قرار ڏنو آهي. گڏوگڏ "لغات سچل سرمست" جو تنقيدي جائزو بہ ورتو آهي، جيڪا سٺي ڳالهہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ان طرح سان لغت نويسيءَ جي سٺي ۽ صحتمند روايت کي هٿي ملندي. حقيقت ۾، ڊاڪٽر ڌامراهو پنهنجي مٿئين بيان سان "سچل لغات" جي اهميت ۽ حيثيت کي هيٺئين درجي تي ڪٽي آيو آهي. جيڪو "سچل لغات" لاءِ مناسب نہ آهي.بيو تہ ڪا بہ پوءِ جوڙيل يا ڇپيل لغت، اڳ ۾ ٿيل صحيح ۽ سٺي ڪم کي ڪنهن بہ ريت نظر انداز ڪري نہ ٿي سگهي. ڪنهن بہ لفظ جون وري وري ۽نيون معنائون هٿ سان تہ جوڙي نہ ٿيون سگهجن، البت انهن جي صحت بهتر ڪري سگهجي ٿي.منهنجي خيال ۾، ڪو بہ لغت نويس، ڪا خاص لغت (Special Dictionary) جوڙيندي ڪهڙيون واٽون اختيار ڪري ٿو اهو سندس صوابديدي اختيار آهي.هُو جيڪي اصول ۽ ضابطا طيءِ ڪندو ۽ لغت کي جيترو جامع ۽ گهڻ رخو بڻائيندو، اهو سندس لغت جي اهميت ۽ ڪارج کي نروار ڪندو. لغت نويس جي اهڙي عمل سان متفق ٿيڻ يا نہ ٿيڻ، لغت ڪتب آڻيندڙ لاءِ لازمي نہ آهي. البت شرط اهو آهي تہ اهڙين واٽن، ضابطن، اصولن ۽ طريقيڪار کي لغت منجهہ واضح ڪرڻ لازمي آهي.

”پيش لفظ“ ۾ نماڻي فقير جي جوڙيل رسالي ”سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام“ ۾ ڏنل معنائن تي پڻ تنقيد ته ڪيل آهي، پر ڪي مثال ڏنل نه آهن، ان ڪري اها تنقيد مناسب نه آهي. در حقيقت، لغتن توڙي معنائن جو اهڙو تنقيدي اڀياس، تفصيل ۽ دليل جو متقاضي هوندو آهي، ان ڪي ڪنهن هڪ ٻن پئراگرافن ۾ بيان ڪري نه ٿو سگهجي.

ڊاڪٽر ڏامراهي پنهنجي لغات لاءِ سچل سرمست جي رسالي جا چار نسخا ڪتب آندا آهن، جيڪي علي قلي بيگ، آغا صوفي، عثمان علي انصاريءَ ۽ رشيد احمد لاشاريءَ جا مرتب ڪيل آهن، جن سان لغت جي افاديت ۽ اهميت وڌي ٿي. ڊاڪٽر ڏامراهي انهن رسالن ۾ پروف جي غلطين جي نشاندهي جي ڳالهه ڪئي آهي، جيڪا نه هجڻ گهرجي پر، پروف جون ڪي غلطيون هِن لغت ۾ پڻ نظر اچن ٿيون. ڊاڪٽر ڏامراهي ”پيش لفظ“ ۾ ٽن هنڌن تي، پنهنجيءَ لغت ۾ لفظن جي تشريح ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي:

(1) ”هن لغت کي سچل سرمست جي شعر جي تشريحي لغت چئي سگهجي ٿو.“(ص: 7)،

(2) ”ڪوشش ڪئي وئي آهي ته لفظ جي درست ۽ ٺُز [معنيٰ] سان گڏ تشريح ڪئي وڃي، جيئن پڙهندڙن کي سچل جي شعر جو مفهوم سمجهڻ ۾ سهنجائي ٿئي.“(ص: 12)، ۽

(3) ”سچل سرمست جي فڪر کي سمجهڻ لاءِ لفظن جو پس منظر ۽ انهن جي تشريح بيان ڪئي ويئي آهي. جن لفظن يا حرفن جي تشريح ڪئي ويئي آهي، تن لاءِ سچل سرمست جي شعر مان مثال پڻ ڏنا ويا آهن...“(ص: 13)

حقيقت ۾ هي ”لغاتِ سچل سرمست“ ڪُلي طور تشريحي لغت نه آهي. ان جو وڏو ڀاڱو مترادف معنوي لفظن تي مشتمل آهي. ان حوالي سان ڊاڪٽر ڏامراهي جو ”پيش لفظ“ جي منڍ ۾ ڏنل رايو ئي ڪافي هو جنهن ۾ لغت جو مقصد به بيان ٿي وڃي ٿو. اهو رايو هن ريت آهي: ”هيءَ لغت، سچل سرمست جي ڪلام جي ٻوليءَ جي لغت آهي. منجهس سچل سرمست جي بيتن، ڪافين، گهڙولي ۽ سه حرفين ۾ آيل لفظن جي معنيٰ ڏيڻ سان گڏوگڏ تشريح ڪئي وئي آهي.“ (ص: 7)البت، ”پيش لفظ“ ۾ ڪٿي به اهو چٽو نه ڪيو آهي ته هيءَ سچل پاران مختلف ٻولين ۾ چيل ڪلام جي



لغت آهي يا صرف سنڌي ڪلام جي لغت آهي. حقيقت ۾ هيءَ سچل جي سنڌي ڪلام جي لغت آهي.

هن لغت ۾ وياڪرڻي طور، ڪن لفظن جي واحدن، مصدرن ۽ صفتن جي نشاندهي ڪيل آهي، نه ته عام طور صرف لفظ ۽ ان جي معنيٰ ڏني وئي آهي، جنهن کان پوءِ سچل جي ڪلام جي مصرع، حوالي سميت ڏنل آهي، جنهن ۾ نشاندهيءَ واسطي ڏکين لفظن کي ٻٽين واڪ جي نشانين ۾ بند ڪيو ويو آهي. ٿورڙين داخلائن ۾ مصرع نه به آيل آهي. ڪيترين ئي داخلائن ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ مصرعون به آندل آهن، جن هيٺان، نئين سٽ تي، ننڍي ڏنگيءَ ۾ سُر يا ڪافي نمبر جي نشاندهي ڪيل آهي. منهنجي خيال ۾ سنَد طور يا مفهوم کي سمجهڻ لاءِ هڪ مصرع ڏيڻ ڪافي هئي، جنهن جي پٺيان حوالي وارو نمبر يا سر ڄاڻائجي ها. ان طرح سان هيءَ لغت ضخامت ۾ گهٽي گهٽجي وڃي ها ۽ پڙهندڙن واسطي گهٽ اگهه تي ميسر ٿي سگهي ها.

هن لغت جي هڪ سٺي ڳالهه هيءَ به آهي، ته گهڻن ئي لفظن جون هڪ کان وڌيڪ معنائون ڏنيون ويون آهن ۽ مختلف هنڌن تي سمجهاڻيون پيش ڪرڻ سميت، ڪن خاص اسمن ۽ واقعن جا تفصيلي بيان به شامل ڪيا ويا آهن، جن سان شعر کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿي پوي ٿي. هتي نموني خاطر پنج داخلائون پيش ڪجن ٿيون:

**(1) آدم:** پهريون انسان، جنهن کان بشر جي جنس وڌي ويجهي. الله تعاليٰ کيس زمين تي پنهنجو خليفو بنايو ۽ فرشتن کي سندس سجدو ڪرڻ جو حڪم فرمايو. کيس شين جي نالن جو علم عطا ٿيل هو. منع ٿيل ميوو کائڻ جي ڪري کيس (سندس زال حوا سميت) زمين تي اڇلايو ويو.

”آدم“، شيث ۽ يعقوب، يونس، نالو نينهن سڏايم. (343) (ص: 16)

**(2) آڌَر، آڌارُ:** وسيلو، ٽيڪ، سهارو، آسرو، ڀروسو، آجهو، پناهه، ڏڍ، محبوب، پرجهلو.

صاحب دلاور گنج آن، ”آڌر“ ڏيو جو ٿورُ ئان. (165)

”آڌر“ ٿي ارواح کي، منهنجو جيئڙو جِيو. (987)

اهو مون آهي، ”آڌر“ ڙيَ ارواحَ کي. (مرغ نامو) (ص: 16)

**(3) آڌوتن:** (آڌوتيءَ جو جمع) سنياسين، جوڳين، ويراڳين، فقيرن.

آيل ”آڌوتن“ جو، آهي گنگا ۾ گذران. (سر جوڳ)

آهي نامِ مشر، انهن ”آڏوتن“ جو. (سر جوڳ) (ص: 17)

**(4) آڏين**: (صفت) محتاج، ويچارو، بيوس. (ص: 17)

**(5) آڏا (1)**: سامهان، اڳيان.

ڊِ ڄيو ڪنهن ڄِ س جهوپڙا، ”آڏا“ ڪين آڏِ نِ . (وحدت نامو) (ص: 17)

ڏسي سگهجي ٿو تہ ڏنل معنائون گهڻي ڀاڱي مصرعن سان ٺهڪندڙ آهن، پر ڪي نُڪتا ڌيان طلب آهن. جهڙوڪ:

(1) ڇا آدم جي حيثيت صرف پهرئين انسان واري آهي؟

(2) اول لکيل آهي تہ ”الله تعاليٰ ڪيس زمين تي پنهنجو خليفو بنايو“. پوءِ لکيل آهي: “... زمين تي اڇلايو ويو. ”ان بيان کي بهتر ترتيب ۾ بيهارڻ گهرجي ها.

(3) ٻي نمبر داخلا ۾ ”آڏار“ بہ لکيو ويو آهي، پر سند طور آندل ٽنهي مصرعن ۾ اهو لفظ ڪونهي، تہ لکڻ نہ گهرجي ها. يا ڄاڻائي سگهجي پيو تہ ”آڏار“ جو مخفف آهي.

(4) ”آڏر“ جي معنائن ۾، وچ ۾ ”محبوب“ بہ آيل آهي، جنهن جو واسطو مصرع جي مفهوم سان ناهي.

(5) ٽيون نمبر داخلا موجب ”آڏوتيءَ جو جمع آڏوتن“ آهي، جڏهن تہ ”آڏوتي“ جو جمع ”آڏوتي“ ئي ٿيندو، جيئن ”هاٿي“ جو جمع ”هاٿي“. هتي مصرع جي لحاظ کان، جمع جي صيغي موجب لفظ ۾ ڦيرو آيو آهي.

(6) چوٿينءَ داخلا ۾، مصرع ڏنل نہ آهي.

(7) ”آڏا“ جون بہ مختلف داخلائون آهن، جنهنڪري نمبر سان نشاندهي ڪري الڳ الڳ درست طريقي سان درج ڪيون ويون آهن. ”آڏا“ جي ٻي داخلا صفحي 18 تي آيل آهي. ٻئي طرف،َ ”رُ“ جون پڻ بہ داخلائون صفحي نمبر 513 ۽ 514 تي ڏنل آهن، پر انهن تي 1 ۽ 2 نمبر ڏنو نہ ويو آهي، جيڪي ڏيڻ گهرجن.

(8) مصرعن ۾ ڪي لفظ اهڙا بہ آهن، جيڪي الڳ داخلا هيٺ اچڻ گهرجن ها، پر اهي داخلا کان رهجي ويل آهن.مٿي ڏنل مصرعن ۽ سُرن جي نالن/عنوانن ۾، اهڙن لفظن هيٺان ليڪ ڏني وئي آهي، مثال طور:شيٺ، ڄِيو، ڙي، نامِ وحدت نامو. انهن جون ضرور معنائون ڏيڻ گهرجن ها. اهڙن ٻين لفظن ۾، ”لڏئون، جهولڻو، تا، مالڪوس، آئيون، جائيئون، ري، پنڌڙو پيروي، مرغ نامو اڳي ٿيا، ويڙمِ ، چڪريون،



خود، اڱڻِ “ (ص: 14 کان 18) آهن. ممڪن آهي تہ ڪلام جا ڪي ٻيا لفظ بہ شامل ٿيڻ کان رهجي ويا هجن.

(9) مٿي پنجين نمبر داخلا جي مصرع ۾ ”ڄِ س“ لفظ آيل آهي. اها مصرع صفحي 173 تي ”ڄَ س“ ڪري ڏنل آهي ۽ اهنجي لفظ طور بہ داخل آهي، تہ صحيح لفظ ”ڄَ س“ آهي يا ”ڄِس“؟ (10) لغت جي پهرين داخلا ۾، صفحي 14 تي “آب” لفظ ڏنل آهي، پر ان جي معنيٰ ڄاڻايل ناهي.

انهن ۽ اهڙين ڪِ ن ٻين ڳالهين باوجود، هيءُ نهايت اهم ڪم آهي، جنهن تي ڊاڪٽر بدر ڏامراهو جس لهڻي. ان لغت جي واڪاڻ ۾، ڊاڪٽر اسلم سنديلو لکي ٿو: “هن صاحب لغت ۾ سچل جي ڪلام ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ ڪيترن لفظن جي سمجهاڻي بہ ڏني آهي، جا لغت جو ادبي قد وڌائي ٿي. ان لغت جي مطالعي کان پوءِ صدق دل سان اهو چئي سگهجي ٿو تہ هيءَ لغت، لغتن جي سٽا ۾ خاص جڳهہ والاريندي.” (سنديلو: 2018: 38)

## (4) لغاتِ بيدل ۽ بيڪس:

ڊاڪٽر بدر ڏامراهي جي جوڙيل ”لغاتِ بيدل ۽ بيڪس”جو پهريون ڇاپو 2020ع ۾ڊيمي سائز ۾، مُجلد،392 صفحن تي مشتمل،600 رپين جي قيمت ۾،فائين ڪميونيڪيشن حيدرآباد مان ڇپجي،روشني پبليڪيشن ڪنڊياري طرفان پڌرو ٿيو.هن لغت ۾ داخلائن وارو ڀاڱو 372 صفحن تي پکڙيل آهي. هن لغت ۾، اڻويهين صديءَ جي ٻن صوفي شاعرن قادر بخش “بيدل” ۽ محمد حسن “بيڪس” جي شاعريءَ ۾ شامل لفظن جون معنائون ۽ تشريحون شامل ڪيون ويون آهن، جنهن سان سندن ڪلام جي رمزن کي سمجهڻ ۾ سهولت ٿئي ٿي. سندن ڪلام جي سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءَ پهرئين لغت آهي.

هن ڪتاب جو انتساب سنڌي ٻوليءَ جي ٻن اهم شاعرنادل سومري ۽ اياز گل کي ڪيل آهي.

هن لغت ۾ الف-بي جي مروج پٽي، فهرست ۾ ڏنل آهي، جنهن ۾“آ”(ٻِئي الف) کي الف کان ڌار ڏيکاريل آهي. فهرست ٻن صفحن تي پکڙجي وڃڻ سبب، ترتيب ۾ بدلجي وئي آهي، جو فهرست جي پهرئين صفحي جي پهرئين ڪالم

۾ "آ" کان "د" تائين ۽ ٻئي ڪالم ۾ "ڙ" کان "م" تائين ڄاڻايل آهي. جڏهن ته فهرست جي ٻئي صفحي تي، پهرئين ڪالم جي منڍ ۾ "ڏ" ۽ آخر ۾ "ر" اکر آيل آهن ۽ ٻئي ڪالم جي منڍ ۾ "ن" ۽ آخر ۾ "ي" اکر ڄاڻايل آهي. حقيقت ۾ ٻئي صفحي جي پهرئين ڪالم جون داخلائون، پهرئين صفحي جي ٻئي ڪالم جي منڍ ۾ اچڻ گهرجن ها. اميد ته فهرست کي لغت جي ٻئي ڇاپي ۾ درست ڪيو ويندو.

هن لغت جو "مهاڳ" نوجوان اديب ۽ محقق ساجد چانڊيي جو لکيل آهي، جيڪو ستن صفحن تي مشتمل آهي. "مهاڳ" ۾ لغت، ان جي تاريخ، لغتن جي قسمن ، اصولن، ضابطن وغيره بابت مختصر معلومات سنيءَ طرح سمائي وئي آهي. پر ان کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي پيوان ۾ ڊاڪٽر بدر ڌامراهي جي هِن لغاتِ بيدل ۽ بيڪس" کي "مونو لنگئل ڊڪشنري" (Mono lingual Dictionary) لکيو ويو آهي. حقيقت ۾ مونو لنگئل يا هڪ-ٻوليائي لغت ڪنهن به ٻوليءَ جي عمومي (جنرل) لغت هوندي آهي، جنهن ۾ ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن جون معنائون ان ئي ٻوليءَ ۾ ڏنيون وينديون آهن. جيئن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي جوڙيل "هڪ جلدي سنڌي لغت" يا ستار بلوچ جي جوڙيل "هڪ جلدي سنڌي لغت" آهن. ڌامراهي صاحب جي جوڙيل هيءَ لغت عمومي لغت بدران ٻن شاعرن جي ڪلام جي لغت آهي، ان ڪري ان جو قسم "خاص (special) لغت" بڻجي ٿو، جنهن ۾ موضوعي لغتون شامل آهن.

"مهاڳ" کان پوءِ لغت جي مؤلفڊاڪٽر بدر ڌامراهي پاران "محبت پائي من ۾ رنڊيا روڙيا جن"عنوان سان نوَ ن صفحن ۾ ڪي ويچار ونڊيل آهن، جن ۾ هن لغت جي جوڙڻ جو پسمنظر ڏيڻ سميت ڏکيائين جو ذڪر به ڪيل آهي. هُو لغت بابت بلڪل صحيح لکي ٿو: "هيءَ لغت ڪو آخري حرف ناهي، بيدل ۽ بيڪس جي ڪلام جي تشريحي لغت جو بنياد آهي ۽ اڳتي تحقيق ڪرڻ لاءِ بنيادي ماخذ جو ڪم ڏيندي." (ص: 16) لغت جي بنيادي ڳالهه ئي اها هوندي آهي ته اها حرفِ آخر ناهي هوندي، ان ۾ هميشه سڌاري ۽ واڌاري جي گهرج رهندي آهي، نه ته اها ماضيءَ جو يادگار رهجي ويندي آهي. هن قسم جي خاص لغتن ۾ لفظن جون سڀ معنائون ڏيڻ جي گهرج ناهي هوندي، پر لاڳاپيل معنيٰ ئي پيش ڪبي آهي، جيئن ڊاڪٽر ڌامراهو لکي ٿو: "هت لفظن جون فقط اهي معنائون ڏنيون ويون آهن، جنهن مفهوم ۾ شعر



استعمال ڪيا ويا آهن." (ص: 18) يعني شعر ۾ ڪتب آنديون ويون آهن. تڏهن به ڪن هنڌن تي لفظن جون معنائون شعر جي مفهوم کان ٻاهر محسوس ٿين ٿيون. مؤلف پاران لکيل لفظن جي پڇاڙيءَ تي، مددي ڪتابن ۽ لغتن جي لسٽ به ڏني وئي آهي، جنهن ۾ 14 سنڌي، 30 اردو ۽ 3 انگريزي ڪتاب شامل آهن.

هن لغت ۾ شامل داخلائن جي انگ بابت، مهاڳ يا مؤلف جي لکيل لفظن ۾ ڪا آگاهي ڏنل نه آهي. سراسري طور هڪ صفحي تي ست عدد داخلائون آيل آهن، ان لحاظ کان هن لغت ۾ اٽڪل اڍائي هزار داخلائون آندل آهن. جيڪي ٻنهي شاعرن جي سموري ڪلام مان ورتل آهن.

لغت ۾ داخلائن جو طريقيڪار هن ريت اختيار ڪيو ويو آهي:

**پهرين سٽ ۾:** اهنجو لفظ، ننڍي ڏنگيءَ ۾ اصل ٻولي ۽ وياڪرڻي حيثيت، معنائون ۽ سمجهاڻي يا تشريح/وضاحت.

**ٻيءَ سٽ ۾:** سنَد طور هڪ مصرع يا هڪ کان وڌيڪ مصرعون يا شعر، جنهن ۾ اهنجي لفظ کي واڪ جي ٻٽين نشانين ۾ بند ڪيو ويو آهي.

**ٽينءَ سٽ ۾:** شاعر جو نالو ۽ ڏنگيءَ ۾ سٽ جو حوالو يا نمبر.

ستاءَ ته وٽندڙ آهي، پر ان کي اڃا وڌيڪ لاڀائتو ۽ وٽندڙ بڻائي سگهجي پيو. مثال طور ٻيءَ سٽ ۾ سنَد طور هڪ شاعر جي شعرن جون هڪ کان وڌيڪ سٽون نه ڏيڻ گهرجن ها ۽ ٽين سٽ الڳ سيڙائڻ بدران ٻيءَ سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ شاعر جو نالو "بيدل" يا "بيڪس" ۽ سٽ جو حوالو يا نمبر ڏئي سگهجي پيو جنهن سان لڳ ڀڳ ٽن هزار سٽن يا 100 صفحن جي جڳهه جي بچت ڪري، لغت کي اضافي ضخامت ۽ خرچ کان بچائي سگهجي پيو جنهن جو اثر لغت جي وڪري واري ملهه تي به پوي ها، ۽ لي آئوٽ ۾ لغت وڌيڪ وٽندڙ لڳي ها. لغتن ۾ جڳهه بچائڻ سميت ميسر جڳهه جو وڌ ۾ وڌ استعمال ڪبو آهي، ڇاڪاڻ ته ان جي ضخامت ۽ خرچ کي گهٽائڻو استعمال ۾ سهولت پريوءِ قيمت ۾ سستو ڪرڻو پوندو آهي، ته جيئن وڌ م وڌ ماڻهو ان مان لاڀ پرائي سگهن.

لغاتِ بيدل ۽ بيڪس" مان نموني طور کي مثال پيش ڪجن ٿا:

(1)آبِيس ُ : (سنسڪرت، مذڪر) پوش، طبيعت، مزاج، رجحان، فطري رغبت.

بيدل اصلُون ديد آڙائڻ عاشقآبيس" ُ ".

بيدل (76-28)

اچي ناهيم اِ تهين عبديءَ آجهيئُس ”.

بيدل (46-29)

اَپ ُنون گم ڪرڻ وچ اپي، عشاقان ”آبيس“.

بيدل (284-167)(ص: 23)

(2) آتش: (فارسي، مؤنث)باهہ، شعلو اُج، اُساٽ.

ڏاڍي ٿي عشق ۾ ”آتش“، سڄاڻي واٽ تون ووڙين.

بيڪس (39)(ص: 23)

(3) آتش ڪده: (فارسي، مذڪر) پارسين جو عبادت گاهہ، اها جاءِ جتي پارسي عبادت لاءِ باهہ ٻاريندا آهن ۽ باهہ وسامن ناهن ڏيندا.

”آتش ڪده“ عشق جي ۾، تہ وجهہ تون،

سدا وير وحدت جي شال وائي.

بيڪس (72)(ص: 23)

(4) آپي: (سرائڪي، ضمير) پاڻ، پنهنجو پاڻ.

قم بِاِ ذني ”آپي“ آپ ڪو شمس دا پوش لَهاوڻ ڪيا.

بيدل (306-121)

گل پيي آپ، گلزار پيي ”آپي“، حسن بسنت بهار پيي آپي.

بيدل (96-100) (ص: 23-24)

پهرئين مثال ۾ ”پوش“لفظ جي گهرج محسوس نہ ٿي ٿئي،اِ نَ توڙي ٻين مثالن ۾ ٻيون معنائون مناسب آهن. پهرئين مثال جي سنَدن ۾ بيدل جي ٽن مختلف مصرعن جي بدران هڪ مصرع ڏيڻ ڪافي هو يعني انهن ڇهن سٽن کي هڪ سٽ ۾ سمائي، پنجن سٽن جي جڳهہ کي بچائي سگهجي پيو. اهڙيءَ ريت، ٻين مثالن ۾ بہ ڪري سگهجي پيو.

انهن مثالي سٽن ۾ مون ڪن لفظن ۽ اصطلاحن کي ڇڪاسيو تہ اهي پڻ داخلا هيٺ آندا ويا آهن يا نہ. معلوم ٿيو تہ مٿين ڇئني مثالن ۾ آندل مصرعن ۾ هي لفظ َ، هن لغت ۾ داخلائن ۾ ناهن آندا ويا:اصلُون، ديد اڙائڻ، ناهيم، اِتهين، اپ ُنون، ڏاڍي ٿِي، سڄ ُاڻي، واٽ ووڙڻ، وير، آپ ڪو ۾ ڪو، دا، لَهاوڻ، ڪيا، ۽ گلزار. اميد رکي سگهجي ٿي، تہ لغت جي نئين ڇاپي ۾ انهن داخلائن کي شامل ڪيو ويندو.



لفظن کي نئين بقا ملي پوندي.

**نتيجو:**

لاڙڪاڻي جي زرخيز مٽيءَ سان تعلق رکندڙ ناميارو محقق ۽ اديب ڊاڪٽر بدر ڌامراهو تسلسل سان علمي ۽ ادبي خدمتون سرانجام ڏيندو رهي ٿو. هن جتي لطيفيات ۽ تاريخ ۾ تحقيقي ڪم ڪيو آهي، اتي لغت جي شعبي ۾ پڻ پاڻ ملهائي رهيو آهي. لغت نويسيءَ جي شعبي ۾ سندس ڇپيل چارئي لغتون وڏي قدر ۽ قيمت واريون آهن ۽ سنڌي لغت نويسيءَ جي روايت کي اڳتي وٺي ويندڙ آهن. اهي لغتون نواڻ ۽ ندرت رکن ٿيون. انهن مان بہ لغتون ڪلاسيڪل توڙي روايتي دَور جي شاعرن جي شاعريءَ کي سمجهڻ ۾ مددگار آهن ۽ بہ لغتون بہ ٻوليائي لغتن کي هَٿي ڏيندڙ آهن.

**مددي ڪتاب ۽ رسالا:**


الانا، غلام علي، ڊاڪٽر [2009] 1967: سنڌي صوتيات، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

ڌامراهو بدر، ڊاڪٽر [2008]: سنسڪرت-سنڌي لغت،ڪنڊيارو:روشني پبليڪيشن.

دھامراہو، بدر، ڈاکٹر [2011]: علمی سندھی-اردو لغت، کراچی: نیو کاٹھیاواڑ اسٹور.

ڌامراهو بدر، ڊاڪٽر [2017]لغاتِ سچل سرمست رح، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

ڌامراهو بدر، ڊاڪٽر [2020]لغاتِ بيدل ۽ بيڪس، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

سنديلو اسلم، ڊاڪٽر [2018]: مقالو: سچل سرمست جي ڪلام بابت لغتن جو تنقيدي جائزو ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد ايڪويهون، شمارو پهريون، جُونِ 2018ع، ص: 35-56.